# خوش نصيب مريض

## سنڌي ترجمو


حيرت انگيز شفاء 11
T.B کان نجات ملي وئي 12
دل جي مريض صحت ياب ٿي وئي 14
پراڻو بخار ڇڏي ويو 19
هيپاٽائيٽس C کان ڇوٽڪارو 21
ڪينسر جو نالو نشان به نه رهيو هو 24
پٿري نڪري وئي 26


www.dawateislami.net


پيشڪش: مجلس المدينة العلمية (دعوت اسلامي)

مڪتبة المدينه

فيضانِ مدينه، محله سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، باب المدينه، ڪراچي پاڪستان. فون: 4921389-95/412699 فيڪس: 4125858

Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اڳ ۾ هن کي پڙهي وٺو

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابوبلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضياعي **دامت برڪاتهم العاليه** اهي يادگار بزرگ شخصيت آهن جيڪي ڪثير الڪرامات بزرگ هجڻ سان گڏوگڏ علمًا و عملاً، قولاً و فعلاً، ظاهرًا و باطنًا احڪاماتِ الاهيه جي بجا آوري ۽ سنن نبويه جي پيروي ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جا به روشن نظير آهن. پاڻ پنهنجي بيانات، تاليفات، ملفوظات ۽ مڪتوبات جي ذريعي پنهنجي متعلقين ۽ ٻين مسلمانن ڪي اصلاح اعمال جي تلقين فرمائيندا رهندا آهن. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ سندن جي قابلِ تقليد مثالي ڪردار ۽ تابع شريعت بي مثال گفتار سڄي دنيا ۾ لکين مسلمانن خاص طور تي نوجوانن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي.

www.dawateislami.net

جيئن ته صالحن جي واقعن ۾ دلين جو سُڪون، روحن جي تازگي ۽ نظر ۽ فڪر جي پاڪيزگي لڪل آهي. تنهن ڪري امت جي اصلاح ۽ خيرخواهيءَ جي مقدس جذبي جي تحت شعبهءِ اصلاحي ڪتب (المدينة العلميه) اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليه** جي حياتِ مبارڪ جي روشن بابن مثال طور سندن جي عبادت، مجاهدات، اخلاقيات، ۽ ديني خدمات جي واقعن سان گڏوگڏ سندن جي ذاتِ مبارڪ مان ظاهر ٿيڻ وارين برڪتن ۽ ڪرامتن ۽ سندن جي تصنيفات و مڪتوبات، بيانات و ملفوظات جي فيوضات ڪي به شايع ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ تعويذاتِ عطاريه جي بهارن تي مشتمل رسالو"**خوش نصيب مريض**" پيشِ خدمت آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي:"**نية المؤمن خير من عمله** 0 مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي."

(المعجم الكبير للطبراني ، الحديث 5942، ج6 ص 185) ان لاءِ اسان کي کپي تہ هن رسالي کي پڙهڻ کان اڳ ۾ سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون چوتہ سٺين نيتن کان سواءِ ڪنهن بہ سٺي عمل جو ثواب ناهي ملندو ۽ جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ هونديون، اوترو ثواب بہ وڌيڪ ملندو. "**تعويذاتِ عطاريه**" جي تيرهن اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون"13 نيتون" **پيشِ خدمت** آهن.

﴿1﴾ هر ڀيري حمد ۽ ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تعوُّذ ۽ ﴿4﴾ تَسمِيه سان آغاز ڪندس. (اڳين صفحي تي مٿي ڏنل بہ عربي عبارتون پڙهي وٺڻ سان چار نيتن تي عمل ٿي ويندو). ﴿5﴾ حتي الوسع هن جو باوضو ۽ ﴿6﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس. ﴿7﴾ جتي جتي "الله" جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿8﴾ جتي جتي"سرڪار" جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس. ﴿9﴾ **حڪاياتِ** عطاريہ جي آخر ۾ ڏنل دعا، "**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي امير اهلسنت تي رحمت هجي** ۽ **انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي**" جو معمول بڻائيندس. ﴿10﴾ ٻين کي هي رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس. ﴿11﴾ هن حديثِ پاڪ"**تهادوا تحابوا**" هڪ ٻئي کي تحفا ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي." (**مؤطا امام مالڪ** ج2 ص 407 ، **الحديث** 1731) تي عمل ڪرڻ جي نيّت سان (هڪ يا توفيق آهر) هي رسالو خريد ڪري ٻين کي تحفي ۾ ڏيندس. ﴿12﴾ هن رسالي جي مطالعي جو ثواب سڄي امت کي ايصال ڪندس. ﴿13﴾ جيڪڏهن ڪا شرعي غلطي ملي تہ لکت ۾ ڇاپيندڙ يا مصنف کي آگاه ڪندس.

شعبه اصلاحي ڪتب مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

**ترجمو**: **مجلسِ تراجم** (دعوتِ اسلامي)

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# درود شريف جي فضيلت

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رَضَوِي ضياعي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي رسالي ”ضياءِ دُرُود و سلام“ ۾ فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم **نقل فرمائن ٿا**، ”قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي تمام ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ درود پڙهيا هوندا.“

**(سنن الترمذي ، كتاب الوتر، باب ماجاء في فضل الصلوٰة علي النبي ﷺ الحديث 484 ج2 ص 27 ڇاپو دار الفكر بيروت)**

www.dawateislami.net

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد**

## ﴿1﴾ خوش نصيب مريض

**مرڪز الاولياء (لاهور)** جي اسلامي ڀاءَ (جيڪي روزگار جي سلسلي ۾ باب المدينه (ڪراچي) ۾ ترسيل آهن) **حلفيه** بيان لکي ڏنو جنهن جو خلاصو اهو آهي ته مان شام جو اٽڪل **5:00** وڳي ڊرگ ڪالوني (مين بازار) ۾ هڪ ريڙهيءَ تي رکيل پراڻي ٽائپ رائٽر جو سودو ڪرڻ ۾ مصروف هوس. ايتري ۾ منهنجي نظر هڪ شخص تي پئي جيڪو ظاهري صورت ۾ پاڳل محسوس ٿي رهيو هو. ماڻهو ان کي تنگ ڪري رهيا هئا. ان تنگ ٿي ڪري هڪ پٿر کنيو ۽ تنگ ڪرڻ وارن ماڻهن کي هنيو. جيڪو انهن کي لڳڻ

بدران منهنجي پيٽ جي کبي پاسي اچي لڳو. مان بي قرار ٿي ڪري پنهنجو پيٽ مهٽڻ لڳس. ٿوري ئي دير ۾ سور جو اثر ختم ٿي ويو. ڳالهه رفع دفع ٿي وئي، پر جڏهن مان ٽيپهريءَ جي نماز لاءِ جيئن ئي مسجد پهتس ته سُور ٻيهر محسوس ٿيڻ لڳو ۽ وڌندي وڌندي ايترو شديد ٿي ويو جو مان بيهوش ٿي ويس. ماڻهن مون کي منهنجي گهر پهچايو. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ منهنجي حالت بگڙجي وئي، اهڙيءَ طرح گهر وارا مون کي جلدي **PIA** ڪارساز نزد سِوِڪ سينٽر ميڊيڪل اسپتال ڪٺي ويا جتي مون کي داخل ڪيو ويو. سڄي رات مان اتي رهيس. صبح جو ڊاڪٽرن مون کي موڪل ڏئي ڇڏي ۽ ٻُڌايو ته اهو سور گيس جي ڪري پيو هو.

**ڪجهه ڏينهن** کان پوءِ وري سور پيو پر هن ڀيري مان ڪنهن ڊاڪٽر وٽ نه ويس بلڪ گهروارن منهنجي درخواست تي مون کي شهيد مسجد پهچايو جتي **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه عام ملاقات فرمائي رهيا هئا. قطار ڪافي ڊگهي هئي. جڏهن مان سندن بارگاهه ۾ پهتس ته پنهنجي تڪليف کان آگاهه ڪيو ۽ تعويذ جي لاءِ عرض ڪيم. پاڻ شفقت منجهان هٿوهٿ هڪ تعويذ ٺاهي عطا ڪيو ۽ فرمايائون: "هن کي ٻَڌي ڇڏيو ۽ وري ڪڏهن سُور ٿئي ته سُور جي جاءِ تي هي تعويذ رکي ڇڏجو، ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ سُور ختم ٿي ويندو." جيئن ئي مان تعويذ ٻَڌو، ائين لڳو ڄڻ ڪنهن منهنجي پيٽ مان سُور ڇڪي ڪڍيو. اتي موجود ڀيا اسلامي ڀائر به حيران هئا ته هينئر ڪجهه دير اڳ سُور جو ماريل مڇيءَ جيان تڙپڻ وارو هڪدم تندرست

www.dawateislami.net

ڪيئن ٿي ويو؟ **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مان پنهنجي طبيعت بهتر محسوس ڪري رهيو هوس ايتري تائين جو مون نعت شريف به پڙهي.

اهو تعويذ مان اٽڪل ٽن مهينن تائين ٻڌي ڇڏيو، ان دؤران مون کي ڪڏهن به پيٽ ۾ سُور نه پيو. **هڪ** ڏينهن آفيس ۾ هڪ دوست جي پيٽ ۾ **سور** پيو. ان کي سُور ۾ تڙپندو ڏسي مون اهو تعويذ کولي ڪري ان کي ڏئي ڇڏيو. مان ۽ آفيس جو ٻيو عملو اهو ڏسي حيران رهجي وياسين جو ان جيئن ئي اهو تعويذ ٻڌو **سور ائين ئي غائب ٿي ويو ڄڻ هيو ئي نه** . آفيس مان فارغ ٿي جڏهن مان گهر پهتس ته ٽيپهريءَ جي نماز کان ڪجهه دير اڳ ۾ مون کي اهو ئي **سور** ٻيهر پيو. تڪليف جي ڪري منهنجي حالت ٻي ٿي وئي. مون کي هڪدم **PIA** ڪارساز ميڊيڪل اسپتال ۾ پهچايو ويو، جتي منهنجي حالت ڏسي ڪري مون کي داخل ڪيو ويو.

ڊاڪٽرن علاج جي پوري ڪوشش ڪئي پر **سور** ۾ ڪا خاص گهٽتائي نه ٿي. سڄي رات ائين ئي گذري وئي. جڏهن صبح ٿيو ته منهنجي پاءَ (جيڪي مرڪزالاولياء لاهور مان آيل هئا) ڊاڪٽر کي چيو ته انجيڪشن لڳائي ڪوشش ڪريو. ته ڊاڪٽر ٻڌايو ته مان اڳ ئي ڊِرپ جي ذريعي 14 انجيڪشن لڳائي چُڪو آهيان. پر حيران آهيان ته ان کي ڪو فرق نه پيو. وڌيڪ انجيڪشن لڳائڻ سان ري ايڪشن جو خدشو آهي. اسان کي ان جو مرض سمجهه ۾ نه ٿو اچي، توهان ان کي ڪٿي ٻي جاءِ تي ڪٽي وڃو. پوءِ مون کي

www.dawateislami.net

ناظم آباد جي هڪ ميڊيڪل ڪمپليڪس ۾ داخل ڪرايو ويو. اتي اٽڪل 17 ڏينهن رهيس. پاءُ منهنجي بيماريءَ جي ڪري تمام گهڻو پريشان هئا. چوڻ لڳا:“نوڪري وغيره ڇڏ ۽ مون سان گڏ لاهور هل.” مون عرض ڪيو:“لڳي ٿو هاڻي مان صحت ياب نہ ٿي سگهندس، تنهن ڪري لاهور وڃڻ کان اڳ ۾ مون کي آخري ڀيرو منهنجي **پير** ۽ **مرشد** جي زيارت جي لاءِ وٺي هلو.”

**مون** کي ٽيڪسي ۾ ويهاري **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي آستاني تي پهچايو ويو. جڏهن مان ڪمري ۾ داخل ٿيس تہ ڪمرو اسلامي ڀائرن کان ڀريل هيو. هڪ ذميدار منهنجي حالت ڏسي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو تہ اسپتال کڻي وڃوس. مون روئيندي چيو تہ مون کي اسپتال مان ئي آندو ويو آهي. هاڻي ڪٿي نہ ويندس. ايتري ۾ **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه تشريف کڻي آيا. پنهنجي پوري طاقت جو زور لڳائي ڪري سندن جي تعظيم لاءِ اٿي بيٺس. پاڻ منهنجي ويجهو آيا ۽ پيٽ تي هٿ رکي دم ڪيو ۽ چيائون:“سور آهي؟” مون عرض ڪيو:“پهريان کان ڪجھ گهٽ آهي.” پاڻ دامت برڪاتهم العاليه ٻيهر دم ڪيو، وري پُڇيائون تہ مون چڱيءَ طرح پيٽ کي زور ڏئي ڏنو پر **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ سور محسوس نہ ٿيو. پوءِ فرمائڻ لڳا تہ مون اڳ ۾ بہ تعويذ ڏنو هو، اهو ڪٿي آهي؟ مون سڄي صورتحال بيان ڪئي تہ پاڻ ٻيهر پنهنجي مبارڪ هٿن سان تعويذ لکي ڏنائون ۽ ڪاڏو ڪائڻ جي دعوت پيش ڪيائون. مان ڪاڏو ڪائڻ لڳس. اتي موجود اسلامي ڀائر هڪ وليءَ

www.dawateislami.net

ڪامل جي عطائن جو ظاهر ظهور نظارو ڏسي رهيا هئا. (هي بيان ڏيڻ تائين) هن ڳالهہ کي اٽڪل 10 سال ٿي چُڪا آهن، الحمدلله عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن بہ ٻيهر مون کي اهو سور محسوس نہ ٿيو. **الله عَزَّوَجَلَّ جي امیرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿2﴾ برين ٽيومر جو مريض ڇٽو ڀلو ٿي ويو

**سکر** (باب الاسلام سنڌ) جي رهواسي اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ اسان جي علائقي ۾ هڪ شخص کي **برين ٽيومر** (يعني دماغ ۾ ڳوڙهو) هو. ان جا ٻہ آپريشن ٿي چڪا هئا. ان جي حالت قابلِ رحم هئي. ڊاڪٽرن بہ جواب ڏئي ڇڏيو هو. ڪنهن انهن کي **تعويذاتِ عطاريہ** استعمال ڪرڻ جو مشورو ڏنو، پر مريض جي حالت ڳڻتيءَ جوڳي هجڻ جي سبب گهروارن خاص توجهہ نہ ڏني.

هڪ ڏينهن انهن جي ننڍي ڀاءَ **مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ** جي بستي (اسٽال) تي گهٻرائيندي آيو ۽ روئيندي چوڻ لڳو: "منهنجي ڀاءُ جي حالت تمام خراب ٿي وئي آهي. لڳي ٿو شايد اڄ ڀاءُ جي زندگيءَ جي **آخري رات** آهي، اهي ڪنهن کي بہ نہ ٿا سڃاڻن، ساهہ بہ **ڇڪي** ٿا ڪڍن، ڪو تعويذ ڏيو." مجلس جي اسلامي ڀائرن انهن کي تسلي ڏني :"توهان مايوس نہ ٿيو، الله عَزَّوَجَلَّ **شفا ڏيڻ وارو آهي** . توهان هي **تعويذاتِ عطاريہ** ڪٽي وڃو، هي تعويذ هن

www.dawateislami.net

زماني جي وليءِ ڪامل سلسلهءِ عاليہ قادريہ جي عظيم بزرگ شيخ طريقت، **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جا عطا ڪيل آهن. انهن تعويذن جي برڪت سان ڪيترائي اهڙا مريض بہ **شفا** حاصل ڪري چڪا آهن جن کي ڊاڪٽرن **لاعلاج** قرار ڏئي ڇڏيو هو.”

**ٻئي ڏينهن** انهن جا ڀاءَ ٻيهر بستي تي آيا تہ انهن جي چهري تي خوشيءَ جا آثار هئا. انهن ٻُڌايو:“مان گهر وڃي جيئن ئي تعويذ پنهنجي بيمار ڀاءَ جي مٿي تي ٻَڌو تہ سڀئي گهروارا حيران رهجي ويا جو ڪجهہ منٽ پهريان ڀاءُ (جيڪي ائين پيا لڳن جڻ آخري ساهہ کڻي رهيا آهن) اکيون پٽيون. انهن گهروارن کي ويهارڻ جو اشارو ڪيو. انهن کي ٽيڪ ڏئي ويهاريو ويو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ انهن ڳالهائڻ بہ شروع ڪيو.” ٻن ڏينهن کان پوءِ برين ٽيومر جي بيماريءَ ۾ مبتلا رهڻ وارا اسلامي ڀاءَ پنهنجي پيرن سان هلي تعويذاتِ عطاريہ جي بستي تي ذميدارن سان ملڻ آيا ۽ ٻُڌايائون تہ **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي طبيعت **75** سيڪڙو صحيح ٿي وئي آهي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿3﴾ هٿ جو آپريشن

**نوابشاهہ** جي رهواسي اسلامي ڀاءَ جو ڪجهہ هن

www.dawateislami.net

ريت بيان آهي تہ منهنجي کٻي هٿ ۾ اوچتو سور پيو. اها 1993ع جي ڳالهہ آهي، مان ان هٿ سان کو کم نہ ڪري سگهندو هوس. جڏهن بہ ان هٿ سان کو کم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هوس مثال طور قميص جو بٽڻ لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، موٽر سائيڪل هلائڻ چاهيندو هوس يا بيان جي دؤران لوڏيندو هوس تہ گهڻو سور ٿيندو هو. منهنجو هٿ ڪارو ٿي ويندو هو، دل ۾ بہ تڪليف محسوس ٿيندي هئي ۽ کٻي ڪلهي ۾ بہ شديد سور محسوس ٿيندو هو. نواب شاهہ ۾ گهڻن ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو هو. انهن حيدرآباد جي مشهور آرٿوپيڊڪ سرجن سان ملڻ جي صلاح ڏني. اتي منهنجي هٿ جو الٽراسائونڊ ٿيو. رپورٽ ڏسي ڪري ڊاڪٽرن ڪنهن ويسڪولر سرجن (جيڪي هٿ جي رڳن جي علاج ۾ مهارت رکندا آهن) کي ڏيکارڻ جو مشورو ڏنو. اهڙا سرجن ان وقت رُڳو باب المدينہ ڪراچي، مرڪز الاولياء لاهور ۽ اسلام آباد ۾ دستياب هئا.

www.dawateislami.net

**مان** باب المدينه (ڪراچي) سول اسپتال پهتس ۽ ويسڪولر سرجن سان مليس. ان منهنجو چيڪ اپ ڪيو، رپورٽ ڏٺائين ۽ منهنجي هسٽري ڄاڻڻ کان پوءِ مون کي ٻُڌايو تہ توهان جي رت واپس پهچائڻ واري رڳ بند آهي، ان جو آپريشن ٿيندو. ان آپريشن جي لاءِ هڪ هفتي کان پوءِ جو وقت ڏئي ڇڏيو. اهڙي طرح مان هڪ هفتي کان پوءِ آپريشن جي لاءِ ذهني طور تي نواب شاهہ کان ڪراچي پهتس. مون کي صبح 10 وڳي اسپتال پهچڻو هو. رات **امیرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي بارگاهہ ۾ دعا جي لاءِ حاضر

ٿيس ۽ ٻُڌايم تہ سڀاڻي آپرشن آهي، دعا ڪريو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪرم فرمائي.“پاڻ دريافت فرمايائون تہ ”ڪنهن جو آپريشن آهي.“ عرض ڪيم :”منهنجو.“ پُڇيائون : ”ڪٿي؟“ عرض ڪيم:”سول اسپتال ۾.“ فرمايائون:” آپريشن کان بغير بہ علاج ٿي سگهي ٿو.“ عرض ڪيم:” حضور! مون کي ڊاڪٽرن جي نوڪرن ۾ چو ٿا وجهو، توهان ئي **روحاني علاج** فرمايو.“ فرمايائون:”فلاڻي ڊاڪٽر وٽ منهنجو هي خط کڻي وڃو اهي توهان کي صحيح صلاح ڏيندا.“ پر منهنجو عرض جاري رهيو:”توهان ڪرم فرمايو ڊاڪٽرن جي نوڪرن ۾ مون کي نہ وجهو.“ پر پاڻ مون کي اصرار ڪندي ڊاڪٽر وٽ موڪليائون. ٻئي ڏينهن اشراق چاشت جي نماز پڙهڻ کان پوءِ پڇيائون تہ :”جا ٿيو؟“ مون ٻُڌايو تہ ان ڊاڪٽر هڪ ٻئي ڊاڪٽر ڏي موڪلي ڇڏيو آهي ايڪسري ۽ الٽراسائونڊ وغيره بہ ٿيا آهن پر يا سيّدي! مون کي ڊاڪٽرن جي نوڪرن ۾ نہ وجهو توهان ئي **روحاني علاج** فرمايو.“

**اڄ** مون کي بارگاهِ مرشدي ۾ ستون ڏينهن هو. ڊاڪٽرن جون رپورٽون ۽ ايڪسرا گهٽي تعداد ۾ جمع ٿي بنڊل جي صورت اختيار ڪري چُڪا هئا. منهنجو هرهر اهو عرض هو تہ اوهان ئي ڪرم فرمايو. پاڻ دامت برڪاتهم العاليه اشراق ۽ چاشت جا نفل ادا ڪرڻ کان پوءِ دعا گهريائون ۽ معمول خلاف ڊاڪٽرن جي رپورٽ جي باري ۾ پُڇڻ جي بدران فرمايائون :” اڄ جمعي جي رات آهي سکر نہ ويندؤ؟“ عرض ڪيم:”حضور مان تہ بيماريءَ جي ڪري هتي پيو آهيان.“ پاڻ ٻيهر پنهنجي ڳالهہ دهرايائون:”هر جمعرات

توهان سکر ويندا آهيو، ڇا اڄ سکر نہ ويندؤ؟“مون وري عرض ڪيو:“حضور مان تہ **علاج** جي لاءِ حاضر آهيان.” جڏهن ته پيري فرمايائون تہ مان سمجهي ويس تہ مرشد جو ڪرم ٿي ويو آهي. تنهنڪري مان پنهنجو سامان ڪنيو ۽ سکر اجتماع ۾ پهچي ويس. اتي مون بيان بہ ڪيو پر مون کي ٿورڙو بہ سور محسوس نہ ٿيو. مون کي ائين لڳو تہ **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ منهنجو **روحاني علاج** ٿي چڪو آهي. ان ڳالهہ کي اٽڪل 15 سالن جو ڊگهو عرصو گذري چُڪو آهي پر ڪڏهن بہ ٻيهر سور ناهي پيو.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

## ﴿4﴾ حيرت انگيز شفاء

**پنوڪي** (پنجاب) جي رهواسي اسلامي ڀاءُ مدرسة المدينہ (رينالہ خورد ضلع اوڪاڑہ) ۾ زيرِ تعليم هڪ **مدني مني** جي والده جي فاتحہ خوانيءَ جي لاءِ انهن جي گهر پهتا تہ مدني مني جي وڏي ڀاءَ روحاني علاج جي بَرَڪت ڪجهہ هن ريت ٻُڌائي تہ والده جي انتقال کان پوءِ ڀيڻ جي اها ڪيفيت هئي تہ پنجن ڏينهن کان ان جي وات ۾ **پاڻيءَ جو هڪ قطرو** بہ نہ ويو. اسان کي لڳي پيو تہ هيءَ بہ گذاري ويندي. جڏهن مدني مني جي قاري صاحب کي ان ڳالهہ جي خبر پئي تہ انهن **مجلسِ مڪتوباتِ** ۽ **تعويذاتِ عطاريہ** اوڪاڑہ جي اسلامي ڀائرن کان حاصل ڪيل ڪاري رنگ

جي ڏوري (جنهن تي دم ڪيل هو) ڏني. جڏهن اسان اها ڏوري بيمار پيءُ جي ڳچيءَ ۾ ٻَڌي ته اها ان جي **برڪت** سان تقريبًا **ٽن** مهينن جي اندر اندر اٺي ويٺي، پوءِ **ڪانو** به ڪاڏائين . سبحان الله عَزَّوَجَلَّ

**الله عَزَّوَجَلَّ جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿5﴾ T.B کان نجات ملي وئي

**پنجاب** جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته **منهنجي** والده کي T.B ٿي وئي. انهن جو تمام گهڻو علاج به ڪرايو ويو، مهانگيون مهانگيون دوائون به ڏنيون ويون پر آرام نه آيو. ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته هڪ سال تائين T.B رهندي. ان دوران امي جان ڪنهن بزرگ کي ڏٺو جن پليٽن تي قرآني آيتون لکيون ۽ اهي پليٽون انهن کي عطا ڪيون. ان خواب کان پوءِ اسان **مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريه** جي اسلامي ڀاءُ سان رابطو ڪيو. انهن **روحاني علاج** جي لاءِ پليٽون لکي ڏنيون. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ انهن پليٽن ۾ پاڻي پيئڻ جي برڪت سان ڇئن مهينن جي اندر اندر امي جان جي T.B جي مرض کان **جان ڇُٽي** پئي. ڊاڪٽر به حيران هئا ته ايتري مختصر عرصي ۾ ڊاڪٽري دوا کان سواءِ T.B ڪيئن ختم ٿي وئي.

www.dawateislami.net

**الله عَزَّوَجَلَّ جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿6﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ٿي ويو

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هن ريت آهي: **منهنجي** ڀاءَ وٽ پٽ پيدا ٿيو جنهن کي پيدائشي طور تي **ساهه** جو مسئلو هو. ان کي **جهٽڪا** بہ لڳندا هئا. جيئن تہ ڊاڪٽرن ان کي ميونسپل هاسپيٽل جي نرسري وارڊ ۾ داخل ڪري ورتو. ان جي حالت تمام **نازڪ** هئي. اهو تقريبًا 9 ڏينهن تائين اسپتال ۾ رهيو پر بهتريءَ جا ڪي بہ آثار ڏسڻ ۾ نہ اچي رهيا هئا. اسان **مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ** جي اسلامي ڀائرن سان رابطو ڪري تعويذ حاصل ڪيا ۽ ان ٻار جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيا. **الحمدلله عَزَّوَجَلَّ تعويذاتِ عطاريہ** جي برڪت سان ٽن ڏينهن ۾ ئي ان جي حالت تمام **بهتر** ٿي وئي ايتري تائين جو ڊاڪٽرن ان کي اسپتال مان موڪل بہ ڏئي ڇڏي.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

## ﴿7﴾ دل جي مريضہ صحت ياب ٿي ويئي

**راولپنڊي** پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجھہ هي ريت آهي تہ مون کي **دل جو عارضو** ٿي پيو هو. منهنجو بلڊپريشر هاءِ ٿي ويندو هو ۽ دل جي دڙڪن بہ تيز ٿي ويندي هئي. تقريبًا **ساڍن ٽن سالن** تائين وڏن وڏن اسپتالن ۾ نامور ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو پر ڪو خاص فرق نہ پيو بلڪہ "مرض وڌندو ويو جيئن جيئن دوا ڪئي." جتي ويندي هيس دوائون مون سان ساڻ هونديون هيون. هڪ ڀيري **اسلامي ڀينرن** جي **سنتن ڀريي** اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي. مون کي وڏو روحاني سُڪون بہ مليو ۽ مون اجتماع ۾ **پابنديءَ** سان **شرڪت** جي نيّت بہ ڪئي. اتي مون کي ڪنهن **تعويذاتِ عطاريہ** جي برڪتن جي باري ۾ ٻُڌايو. مون ڪنهن جي ذريعي سان **مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ** (فيضانِ مدينه) جي بستي تان **تعويذاتِ عطاريہ** گهرائي استعمال ڪيا. جڏهن ٻيهر **E.C.G** ڪرائي تہ رپورٽ بلڪل **نارمل** هئي. هاڻي مون دوائن جو استعمال بہ ڇڏي ڏنو آهي ۽ **الحمدللہ** عَزَّوَجَلَّ **تعويذاتِ عطاريہ جي برڪت سان صحت ياب ٿي چڪي آهيان.**

**اللہ** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

# ﴿8﴾ طبيعت ٺيڪ ٿي وئي

**ٽنڊوالہ يار** (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو بيان ڪجھ هن ريت آهي تہ منهنجي ننڍي ڀيڻ تي ڇئن سالن جي عمر کان **جنن جو اثر** هيو. مختلف عاملن کان علاج ڪرايو جنهن تي گهڻي رقم خرچ ٿي پر ڪو **حل نہ نڪري سگهيو**. اسان ڪنهن مجبوريءَ جي ڪري **عطارآباد** (جيڪب آباد) جي تحصيل "ٺُل" منتقل ٿياسين تہ اتي ان جي طبيعت اڃان بہ ناساز ٿي وئي. ان اسان کي ٻُڌايو تہ رات جو سمهڻ ۾ ائين لڳندو آهي جيئن ڪو منهنجي اکين ۾ **سُيون** چُڀي رهيو هجي. جيڪڏهن هوءَ ذبح ٿيل جانور وغيره جو **رت** ڏسندي هئي تہ ان کي عجيب قسم جي بي چيني محسوس ٿيڻ لڳندي هئي. هوءَ نماز بہ مشڪل سان پڙهي سگهندي هئي. جيئن جيئن عمر وڌڻ لڳي گهروارن جي پريشانيءَ ۾ بہ اضافو ٿيڻ لڳو.

انهيءَ دؤران ڪنهن مون کي شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابو بلالَ **محمد الياس عطار قادري** رضوي دامت برکاتهم العاليه جي عطا ڪيل **تعويذاتِ عطاريہ** جي استعمال سان گهڻن اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن جي **مشڪلات جو خاتمو** ٿيو ۽ ڪيترائي بيمار چڱا ڀلا ٿي ويا. جيئن تہ مون ٺُل مُشاورت (دعوتِ اسلامي) جي نگران سان رابطو ڪيو جيڪي ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ باب المدينہ ڪراچي وڃي رهيا هئا. مون انهن کي اتان کان **تعويذاتِ عطاريہ** آڻڻ جي گذارش ڪئي. انهن

www.dawateislami.net

اسان جي **خيرخواهي** ڪندي **تعويذاتِ عطاريہ** آٽي ڏنا، ساڻ ئي **دم ڪيل پاڻي** بہ هيو جنهن کي 40 ڏينهن تائين پيئڻو هو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ انن مهينن تائين **تعويذاتِ عطاريہ** استعمال ڪرڻ جي بَرَڪت سان منهنجي نندي ڀيڻ جي **طبيعت ٺيڪ ٿي وئي**. **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه کان وڏيڪ بَرَڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ منهنجا سڀئي گهروارا سلسلهٔ عاليہ **قادريہ عطاريہ** ۾ **بيعت** ٿي ڪري عطاري بڻجي چڪا آهن.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

## ﴿9﴾ ڪن جو سور ختم ٿي ويو

**چڪوال** (پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ منهنجي نندي ڀيڻ (عمر تقريبًا 5 سال) کي **ڪن ۾ تڪليف** شروع ٿي وئي. ڏاڍو علاج ڪرايو پر آرام نہ آيس. ان جي ڪن مان **رت** ۽ **پونءِ** وهندي رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن سور ايترو تيز ٿيندو هوس جو منهنجي ڀيڻ **روئڻ** شروع ڪري ڇڏيندي هئي. علائقي جي ڊاڪٽرن صلاح ڏني تہ ان کي ڪنهن وڏي اسپتال ۾ ڏيکاريو. اهڙيءَ طرح اسان راولپنڊي ۽ اسلام آباد جي وڏن وڏن اسپتالن مان علاج ڪرايو **پر منهنجي ڀيڻ صحت ياب نہ ٿي سگهي**.

**انهيءَ** دؤران 2002ع ۾ مدرس ڪورس جي لاءِ

**دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مركز **فيضانِ مدينہ** باب المدينہ ڪراچي آيس. جڏهن ڪورس مڪمل ڪري واپس گهر وڃڻ وارو هيس تہ **مجلسِ مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ** جي بستي تان نندي ڀيڻ جي لاءِ تعويذ ورتا ۽ گهر وڃي نندي ڀيڻ کي پارائي ڇڏيا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ ان جي بَرَڪت سان منهنجي ڀيڻ جي **ڪن جو سور ختم ٿي چڪو آهي.**

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿10﴾ جن ڪان جان ڇٽي پئي

www.dawateislami.net

**هڪ** اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ **منهنجي** نندي ڀيڻ (عمر تقريبًا 4 سال) تي **جنات جا اثر** هئا. هفتي ۾ ٽي چار ڀيرا رات جي آخري پهر ۾ ان تي **جن** ظاهر ٿيندو هو. جيئن ئي اهو جنّ ظاهر ٿيندو هو منهنجي ڀيڻ اٿي ڪري **رڙيون** ڪرڻ شروع ڪندي هئي. ان جو چهرو خاص طور تي اڪيون **خوفناڪ** ٿي وينديون هيون. اها هيڏي هوڏي **ڀڄڻ** شروع ڪري ڇڏيندي هئي، گهر وارا وڏي مشڪل سان ان کي سنڀاليندا هئا. ان جي جسم ۾ ايتري **طاقت** خبر ناهي ڪٿان اچي ويندي هئي. ڪجهہ دير تائين هوءَ **عجيب ۽ غريب بولي** ڳالهائيندي هئي جيڪا اسان کي سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي. پوءِ جڏهن اهو **جن** هليو ويندو هو تہ هوءَ ساڻي ٿي ڪِري پوندي هئي ۽ ننڊ جي آغوش ۾ پهچي

ويندي هئي. ان جي جسم ۾ هر وقت سور رهندو هو.

**انهيءَ** دؤران مان **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينہ** باب المدينہ ڪراچي **مدرس ڪورس** ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيس. ڪورس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن باب المدينہ ڪراچي مان واپسي ٿي تہ آءُ **مجلسِ مڪتوبات** ۽ **تعويذاتِ عطاريہ** مان جنات کان حفاظت جو تعويذ وٺي آيس. گهر پهچي ڪري اهو تعويذ پنهنجي ننڍي ڀيڻ (جيڪي اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه کان مريد ٿي ڪري عطاريہ بہ بڻجي چڪيون هيون) جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن! الحمدلله عَزَّوَجَلَّ **جنات ڪڏهن بہ ان جي ويجهو نہ آيا** ۽ ان جي جسم جو سور بہ ختم ٿي چڪو آهي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي** ۽ **انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿11﴾ باءِ پاس آپريشن کان بچي ويا

**هڪ** اسلامي ڀاءَ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ **منهنجي** والد صاحب کي هڪ ڏينهن اچانڪ **دل ۾ سور** پيو. انهن کي ڊاڪٽرن وٽ پهچايو ويو. ڊاڪٽرن مختلف ٽيسٽون ڪرايون ۽ ٻُڌايو تہ انهن جي دل جون اڪثر ناليون بند آهن. مون سوال ڪيو :“ان جو ڪهڙو علاج آهي؟” چوڻ لڳا:“**باءِ پاس آپريشن**.” اهو ٻُڌي ڪري گهر جا ڀاتي پريشان ٿي ويا ۽ روئڻ لڳا. مون **مجلسِ مڪتوبات** ۽

**تعويذاتِ عطاريہ** جي بستي تي اسلامي ڀاءُ کي والد صاحب جي بيماريءَ کان آگاهہ ڪيو. انهن مون کي هڪ تعويذ ڏنو ۽ پارائڻ جو طريقو بہ ٻڌايو. مون انهن جي ٻُڌايل طريقي جي مطابق اهو تعويذ والد صاحب کي پارائي ڇڏيو. جڏهن ٻيهر چيڪ ڪرايو تہ انهن E.C.G جي رپورٽ کي ڏٺو تہ ۽ مسڪرايائون ۽ والد صاحب کي چوڻ لڳا تہ **هاڻي توهان کي اجازت آهي پيادل سفر ڪريو، پنهنجي ڪم تي بہ وڃو. الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **تعويذاتِ عطاريہ** جي برڪت سان منهنجا والد صاحب هاڻي تندرست آهن. اهي روزانو گهر کان دڪان ۽ دڪان کان گهر تائين ٻن ڪلوميٽرن جو مفاصلو **پيادل** طئي ڪندا آهن ۽ دڪان جو پورو ڪم پاڻ ڪندا آهن.

www.dawateislami.net

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿12﴾ پراڻو بخار ڇڏي ويو

**باب الاسلام سنڌ** جي اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ **منهنجو** ڀاڻج تقريبًا ڇهن سالن کان **بيمار** هو. مختلف ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايائين پر اهو مڪمل طور تي صحت مند نہ ٿي سگهيو. ڪڏهن ڪڏهن تہ ان کي سڄو هفتو **بخار** رهندو هو. مسلسل بخار رهڻ جي ڪري ان کي T.B ٿي وئي. گهروارا سخت پريشان هئا. انهيءَ دؤران

ضلعي خيرپور ۾ **مجلسِ مکتوبات** ۽ **تعويذاتِ عطاريہ** جو بستو لڳڻ شروع ٿيو. مون اتان کان **تعويذاتِ عطاريہ** حاصل ڪيا ۽ پاڻ کي استعمال ڪرايا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **تعويذاتِ عطاريہ** جي بَرَڪت سان ان جو **پراڻو بخار** ۽ **T.B** **ختم ٿي وئي**.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿13﴾ٻلي جي تڪليف کان جان ڇٽي پئي

**باب الاسلام سنڌ** جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هن ريت آهي تہ **منهنجي** ڀيڻ ٽن سالن کان **ٻلي جي تڪليف** ۾ مبتلا هئي. انهن جي ڳلي جا غدود وڌيل هئا. مختلف ڊاڪٽرن **آپريشن** جي صلاح ڏني پر اسان آپريش ڪرائڻ کان لهرايون پيا. ان دؤران اسان کي خبر پئي تہ خيرپور ۾ **مجلسِ مکتوبات** ۽ **تعويذاتِ عطاريہ** جو بستو شروع ٿي چُڪو آهي. اسان **تعويذاتِ عطاريہ** جي هاڪ اڳ ئي ٻُڌي هئي، تنهن ڪري مان هڪدم **تعويذاتِ عطاريہ** حاصل ڪيا ۽ ڀيڻ کي استعمال ڪرايا. جڏهن اسان باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسپتال ۾ چيڪ اپ ڪرائڻ جي لاءِ وياسين تہ ريڊيو ٿراپي جي رپورٽ جي مطابق منهنجي ڀيڻ جو **ٻلو بلڪل نارمل هو. الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اهو **تعويذاتِ عطاريہ** جو فيضان آهي.

www.dawateislami.net

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿14﴾ هيپاٽائيٽس C کان ڇوٽڪارو

**باب الاسلام سنڌ** جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هن ريت آهي تہ **منهنجي** گھرواري ڪافي عرصي کان **بيمار** هئي. ميرپور خاص ۾ هڪ ماهر ڊاڪٽر کي ڏيکاريو تہ ان رت جون مختلف ٽيسٽون لکي ڏنيون. جڏهن ليبارٽيري ٽيسٽ جي رپورٽ ڊاڪٽر کي ڏيکاري وئي تہ ان ٻُڌايو تہ انهن کي **هيپاٽائيٽس** C ۽ **شوگر** جو مرض آهي. ڊاڪٽر ان جون وڌيڪ ٽيسٽون ڪرايون ۽ ٻُڌايو تہ **هيپاٽائيٽس** C گھٽي وڌي چُڪي آهي، ان جو علاج باب المدينہ ڪراچي جي هڪ مشهور اسپتال ۾ ٿيندو. انجيڪشن بہ لڳندا ۽ تقريبًا **ڏيڍ لک** خرچ ٿيندو.” اهو ٻُڌي ڪري اسان سڀ پريشان ٿي وياسين.

www.dawateislami.net

**اسان دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينہ** ۾ **مجلسِ مڪتوبات** ۽ **تعويذاتِ عطاريہ** جي مڪتب ۾ فون جي ذريعي رابطو ڪيو ۽ استخاره ڪرايو تہ انهن ميرپور خاص ۾ مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ جي بستي تي رابطو ڪرڻ جو مشورو ڏنو. اهڙيءَ طرح اسان ميرپور خاص ۾ **تعويذاتِ عطاريہ** جي بستي تي رابطو ڪيو. ذميدار اسلامي ڀاءُ **ڪاٽ** جو عمل ڪيو ۽ اسان کي

ان جو پاڻي ۾ دم ڪيل ڇٽا ڏنا. تقريبًا اڍائي مهينن جي روحاني علاج سان منهنجي گهرواريءَ کي **شوگر** ۾ **هيپاٽائيٽسC** کان ڇوٽڪارو ملي ويو، اهو سڀ اسان جي **مرشدِ عطار** (دامت برڪاتهم العاليه) جو فيضان آهي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿15﴾ بخار لهي ويو

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هن ريت آهي ته هڪ ڀيرو منهنجي والده کي بخار ٿيو. هڪ کان پوءِ ٻئي ۾ ٻئي کان پوءِ ٽئين ڊاڪٽر کان علاج ڪرايو پر بخار نه لٿو. هڪ رات والده گهٻرائي ڪري چوڻ لڳيون:"پٽ! خبر ناهي ڪهڙو بخار آهي، ڪيترين ئي دوائن استعمال ڪيون پر فائدو نه ٿو ٿئي، توهان مون لاءِ **فيضانِ مدينه** مان دم ڪيل پاڻي ۾ **تعويذاتِ عطاريه** وٺي اچو." مون امي جان جي حڪم جي تعميل ڪندي **مجلسِ مڪتوبات** ۾ **تعويذاتِ عطاريه** جي اسلامي ڀاءُ سان فيضانِ مدينه ۾ رابطو ڪيو. انهن مون کي **ٽي تعويذاتِ عطاريه** عطا فرمايا. هڪ تعويذ مستقل ٻَڌڻ جي لاءِ ۽ ٻه تعويذ ٻانهن تي ٻَڌڻ جي لاءِ ڏنا ۽ هدايت ڪئي ته هر 12 ڪلاڪن کان پوءِ ٻانهن وارو تعويذ مٽائيندا رهجو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **تعويذاتِ عطاريه** جي برڪت سان منهنجي والده جي بخار ۾ ڊبل ٻارهن (24) ڪلاڪن

www.dawateislami.net

جي اندر اندر فرق اچي ويو ۽ آخرڪار **بخار** کان **مڪمل ڇوٽڪارو ملي ويو.**

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿16﴾ دم ڏيندڙ مريض کي شفا

**راولپنڊي** (پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هن ريت آهي ته منهنجي ڀيڻ **ٽائيفائيڊ** جي مريضه هئي. مرض ايترو وڌي ويو جو انهن جي پيٽ جون رڳون ڦاٽي پيون. ڊاڪٽرن جي مطابق اهي دنيا ۾ **ٿوري دير جون مهمان** هيون. اسان هڪدم **فيضانِ مدينه** ۾ **مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريه** جي ذميدار اسلامي ڀاءُ سان رابطو ڪري **تعويذاتِ عطاريه** حاصل ڪيا ۽ مريضه کي استعمال ڪرايا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **تعويذاتِ عطاريه** جي بَرَڪت سان **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڀيڻ کي **نئين زندگي** عطا فرمائي ڇڏي ۽ هاڻي (هي بيان ڏيڻ وقت) منهنجي ڀيڻ **جي صحت ڏينهوڏينهن بهتر ٿي رهي آهي.**

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

## ﴿17﴾ ڪينسر جو نالو نشان بہ نہ رهيو هو

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ منهنجي والد صاحب کي **سيني ۾ تڪليف** هئي. ڊاڪٽر کي ڏيکاريو تہ ان ايڪسري ڪرائڻ جو چيو. جڏهن ايڪسري رپورٽ ڊاڪٽر کي ڏيکاري وئي تہ ان ٻُڌايو تہ هن جي **ڦڦڙن ۾ زخم** آهن. پوءِ ان جي چوڻ تي اسان والد صاحب جو C.T SCAN ڪرايو تہ ڊاڪٽر **ڪينسر** جو ٻُڌايو ۽ يقيني معلومات جي لاءِ فوڪس بايوسي ڪرائڻ جو چيو. اسان سڀ گهروارا ذهني پريشانيءَ ۾ مبتلا هئاسين. ڪنهن رشتيدار **فيضانِ مدينہ** ۾ ملڻ واري **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي تعويذات جي باري ۾ ٻڌايو. اسان اتي **تعويذاتِ عطاريہ** جي بستي تي رابطو ڪيو. اتي موجود اسلامي ڀاءُ اسان کي تسلي ڏني ۽ هڪ تعويذ ۽ دم ڪيل پاڻي ۽ 41 پليٽون پڙهائي ڪري ڏنيون. الله عَزَّوَجَلَّ جي **فضل** ۽ **ڪرم** سان **روحاني علاج** سان سيني جي تڪليف ۾ **گهٽتائي** ٿيڻ شروع ٿي وئي. ڏهن ڏينهن ڪان پوءِ ڊاڪٽر جي چوڻ تي ٽيسٽ ڪرائي تہ **ڪينسر جو نالو ۽ نشان بہ نہ هو.**

**الله عَزَّوَجَلَّ جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

# ﴿18﴾ ڏندن جو سور ختم ٿي ويو

**پنجاب** جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ بيان ڪجھ هن ريت آهي تہ مون کي ڏگهي عرصي کان **هوڙ ۾ سور** هيو. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اهو سور شدت اختيار ڪري ويو. مون گهڻو **علاج** ڪرايو پر مستقل آرام نہ آيو. مون کي ڪنهن ٻُڌايو تہ فلاڻي جڳھ تي هڪ **غير مسلم عامل** آهي ان کي ڏيکاريو، مرڻ وارو ڇا ڇا نہ ڪندو هوندو بهرحال خير مان اتي وڃڻ جي لاءِ بہ تيار ٿي ويس. پر مون کي ڪنهن مشورو ڏنو تہ **فيضانِ مدينہ** هليا وڃو اتي **تعويذاتِ عطاريہ** مفت ملندا آهن.

www.dawateislami.net

جڏهن مان **فيضانِ مدينہ** ۾ **تعويذاتِ عطاريہ** جي بستي تي ويس تہ اتي موجود اسلامي ڀاءَ مون کي تعويذ ڏنو ۽ چيو :"هن کي 12 منٽ هوڙ تي رکڻو آهي، **ان شآءالله** عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو ۽ جڏهن بہ ٻيهر وري سور ۾ شدت ٿئي ان وقت 12 منٽ رکجو." مون ائين ئي ڪيو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ ان **روحاني علاج** سان تقريبًا ٻن ڏينهن ۾ منهنجو سور **بلڪل ختم** ٿي ويو.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿19﴾ نيز بخار کان ڇوٽڪارو ملي ويو

**باب الاسلام سنڌ** (ميرپور خاص) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ منهنجو ننڍو پٽ (عمر تقريبًا 6 سال) هڪ مهيني کان **نيز بخار** ۾ مبتلا هيو. ڏينهن جي وقت بخار لهي ويندو هيس رات جو وري ايندو هيس. ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو پر ڪو مناسب فائدو نہ ٿيو. انهيءَ پريشانيءَ جي عالم ۾ هڪ ڏينهن مان **فيضانِ مدينہ** وڃي پهتس ۽ **تعويذاتِ عطاريہ** جي بستي تان تعويذ وٺي آيس. جيڪي ٻنهي ٻانهن ۾ ٻَڌا هئا ۽ ٻارهن ٻارهن ڪلاڪن ۾ مٽائڻا هئا. مون ذميدار اسلامي ڀاءُ جي ٻُڌايل ترڪيب سان پنهنجي پٽ کي **تعويذاتِ عطاريہ** استعمال ڪرايا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ ڪجهہ ئي ڪلاڪن ۾ بخار لهي ويو.

www.dawateislami.net

دَرْدِ سر ہو یا بخار آئے تڑپ جاتا ہوں

میں جہنم کی سزا کیسے سہوں گا یا رب (ارمغانِ مدینہ)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## ﴿20﴾ پٿري نڪري وئي

**باب الاسلام سنڌ** (ڪنڀار ڪالوني ميرپورخاص) جي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ منهنجي مدني منّي (عمر 6 سال) تقريبًا ٻن مهينن ڪان **پيٽ جي سور** ۾ مبتلا هئي. اسان عمرڪوٽ جي ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو. دوائن جي استعمال سان عارضي طور تي فائدو ٿيندو هو پر مستقل آرام نہ آيو. هڪ رات مدني منّيءَ جي پيٽ ۾ ٻيهر سخت سور پيو. اسان ان کي هڪدم اسپتال کڻي وياسين جتي ڊاڪٽرن ان کي داخل ڪيو. مختلف ٽيسٽ ڪرايا ويا تہ خبر پئي تہ بڪيءَ ۾ **پٿري** آهي. ڊاڪٽرن ٻُڌايو تہ ان جو آپريشن ٿيندو ۽ هتي نہ بلڪ باب المدينہ ڪراچي ۾ ٿيندو. اسان **روحاني علاج** جي لاءِ **مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ** جي ذميدار سان رابطو ڪيو. ذميدار اسلامي ڀاءُ اسان کي ڪجهہ **تعويذاتِ عطاريہ** ۽ دم ڪيل پاڻي ڏنو. ائين منهنجي مدني منّيءَ جو **روحاني علاج** شروع ٿي ويو. باب المدينہ ڪراچي جي اسپتال وارن آپريشن جي لاءِ داخل ڪري ورتو. جنهن شام آپريشن ٿيڻو هو، ڊاڪٽرن ٻيهر ٽيسٽ ڪرايا تہ **تعويذاتِ عطاريہ ۽ دم ڪيل پاڻيءَ** جي برڪت سان **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ پٿرين جو نالو نشان نہ رهيو. (هي بيان ڏيڻ وقت) ٻيهر ڪڏهن بہ مدني منّيءَ کي پيٽ ۾ تڪليف نہ ٿي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي امیرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

# ﴿21﴾ ٻوڙها ختم ٿي ويا

**باب الاسلام سنڌ** (عطارآباد (جيڪب آباد) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان آهي: منهنجي مدني منّي(عمر تقريبًا 11 سال) جي مٿي تي **ٻوڙها** نڪري پيا جن مان **پونءِ** نڪري رهي هئي ۽ مٿي جا **وار** نہ هجڻ جي برابر هئا. اسان ڪيترن ئي ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن کان علاج ڪرايو، عاملن کان تعويذ بہ ورتا پر ٻوڙها **ختم** نہ ٿيا. پوءِ اسان کي خبر پئي تہ **دعوتِ اسلامي** جي مدني مرڪز **فيضانِ مدينہ** عطارآباد ۾ **تعويذاتِ عطاريہ في سبيل الله** ڏنا ويندا آهن. پوءِ مون پنهنجي پٽ جي ذريعي **مجلسِ مڪتوبات** ۽ **تعويذاتِ عطاريہ** سان رابطو ڪيو. ذميدار اسلامي ڀاءُ ڪجهہ تعويذات ڏنا، ڪاٽ وارو عمل ڪيو ۽ ان جو پاڻي اسان کي ڏئي ڇڏيو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ ان **روحاني علاج** جي بَرَڪت سان منهنجي مدني منّيءَ جا **نہ صرف ٻوڙها ختم ٿي ويا بلڪ وار بہ وڌڻ شروع ٿي ويا.**

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي اميرِ اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

# مدني مشورو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الحمدلله عَزَّوَجَلَّ** اسان مسلمان آهيون ۽ هڪ مسلمان جي لاءِ ان جو سڀ کان قيمتي سرمايو ان جو ايمان آهي.ان جي حفاظت جو فڪر اسان کي دنياوي شين کان بہ وڌيڪ هجڻ گهرجي. امامِ اهلسنّت، عظيم البرڪت، مجددِ دين و ملت اعليٰ حضرت الشاه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جن جو ارشاد آهي:علماءِ ڪرام فرمائن ٿا، “جنهن کي (زندگيءَ ۾) ايمان کسجڻ جو خوف ناهي هوندو، سڪرات جي وقت ان جو ايمان کسجي وڃڻ جو شديد خطرو آهي.” (الملفوظ حصو4 ص 390 حامد اينڊ ڪمپني مرڪز الاولياء لاهور)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نيڪ عملن تي استقامت کان علاوه ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن “**مرشدِ ڪامل**” جو مريد ٿيڻ بہ آهي. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي **دامت برڪاتهم العاليه** سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ مُريد ڪندا آهن ۽ قادري سلسلي جي عظمت جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي، جو ان جا عظيم پيشوا حضور سيِّدُنا غوث الاعظم رَحْمَةُاللهِ تعالیٰ عَلَيْه قيامت تائين جي لاءِ (خدا عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان) پنهنجي مُريدن جي توبہ تي مرڻ جا ضامن آهن. (بهجة الاسرار ص 191 مطبوعه دارالڪتب العلميه بيروت)جيڪو ڪنهن جو مُريد نہ ٿيو هجي ان جي خدمت ۾ مدني مشوروآهي! تہ هن زماني جي سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه جي عظيم بزرگ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليه** جي ذاتِ مبارڪ کي غنيمت سمجهي ڪري بنا ڪنهن دير جي سندن جو مُريد ٿي وڃي. يقيناً مُريد ٿيڻ ۾ نقصان جو ڪو پهلو ئي نہ آهي، ٻنهي جهانن ۾ ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ فائدو ئي فائدو آهي.

# مريد بڻجڻ جو طريقو

**ڪيترائي** اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن ڳالهہ جو اظهار

www.dawateislami.net

ڪندا رهندا آهن! تہ اسان **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جو مُريد يا طالب ٿيڻ ٿا چاهيون. پر طريقيڪار معلوم ناهي، تہ جيڪڏهن توهان مُريد بڻجڻ ٿا چاهيو تہ پنهنجو ۽ جن کي **مريد يا طالب** بڻائڻ ٿا چاهيو تہ انهن جو نالو هڪ صفحي تي ترتيبوار ولديت ۽ عمر سميت لکي ڪري **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**"**مڪتب مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ**"جي پتي تي روانو فرمائي ڇڏيو، تہ ان شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ انهن کي بہ سلسلهٔ **قادريه رضويه عطاريه** ۾ داخل ڪيو ويندو. (پتو انگريزي جي وڏن اکرن ۾ لکو) E-Mail: Attar@dawateislami.net

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

www.dawateislami.net

**شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ جي شايع ڪيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفلٽ تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪ کي بہ ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار فروشن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي محلي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفلٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو .**

صلوا علي الحبيب! صلي الله تعالي علي محمد

